ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي

# ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ادبي خدمتن جو مختصر جائزو


***Abstract:***

**A Brief Review of the Literary Services of Dr. Najam Abbasi**

*The land of Sindh has produced great scholars, writers, poets, researchers, critics, and translators. Among them, the name of Najam Abbasi needs no formal introduction. He is a famous Sindhi story writer, novelist, translator, and essayist. Along with this, he is known as a progressive thinker. To commemorate his services in Sindhi literature, this paper cannot cover his overall services. It is a matter of honor for me that I belong to this part of Sindh which gave birth to a progressive writer like Dr. Najam Abbasi. Dr. Najam was not only a well-known author but also a progressive one. Besides this, he was a writer with modern thoughts. His extensive reading and writing skills lie in his immense love for Sindhi, the magical language of the land of Sindh. His stories have gained popularity in the name of the land of Pakistan and Sindh, which reflects his passion for the people of this land. Even today, his writings magnify his longing for the freedom of Sindh. He wanted to see Sindh free from external influences, moral and financial corruption, superstition, feudal and religious exploitation, and above all, feelings of deprivation and despair. He wanted to create a new spirit of nationalism and was interested in bringing about social revolution through educated and enlightened youth, for which he sacrificed his government job and worked hard to pen beautiful stories in Sindhi. He introduced the youth to world literature, especially the classics of Russian literature.*

*Dr. Najam was very famous in his lifetime, and even today, his writings serve as the syllabus of the at universities. He encourages the youth to write better and do scientific research on local issues, and then cover them in entertaining stories with a flavor of nationalism and the local environment.*


**Key words:** *masterpiece work, ideas, skills, recommendations, sacrifice, service.*





**سنڌ** جي ساهتي خطي ۾ ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، اسڪالر، محقق، نقاد، تخليقڪار ۽ مترجم پيدا ٿيا آهن. انهن عالمن ۾ هڪ تخليقڪار ۽ مترجم جي حيثيت ۾، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي شخصيت ڪنهن به رسمي تعارف جي محتاج نه آهي، سندس نالو علمي ۽ ادبي دنيا ۾ نشانبر طور نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي ادب ۾ مزاحمتي اديب طور جيڪا منفرد حيثيت حاصل ڪري ميڄتا ماڻي آهي، تنهن بابت سوچڻ سمجهڻ جو هڪ سبب بڻجي ٿو. نجم عباسيءَ جي لکڻين جا موضوع فني ۽ فڪري حوالي سان وسيع رخن تي آڌاريل آهن، جن بابت تحقيق جي تمنا ٿئي ٿي. نجم عباسي هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار، مترجم، ناول نگار ۽ مضمون نگار جي حيثيت سان علم ادب جي خدمت ڪئي آهي ۽ آتم ڪٿا لکي پنهنجي سموري سوچ ۽ فڪر کي ظاهر ڪيو آهي، جنهن ڪري سندس محنت جو اجا به چٽيءَ ريت اندازو ٿئي ٿو ته، سندس ايتري ساري سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمت کي ڪير به فراموش نه ٿو ڪري سگهي، ها البت انهيءَ جي نظرئي سان اخلاقي اختلاف رکڻ هرهڪ جو ايتروئي حق آهي، جيترو سندس سوچ ۽ معيار جو محور آهي. نجم عباسي جيڪو سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪيو آهي انهيءَ ڪم سان سنڌي ٻولي ۽ ادب سان چاهه رکندڙن جو هڪ خاص سٻنڌ رهيو آهي. هن مقالي ۾ ايتري گنجائش ڪانهي جيترو نجم عباسي سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪيو آهي ۽ انهيءَ سموري ڪم جي هر هڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ تمام اوکو آهي. هن مقالي جي مختصر نويسيءَ کي آڏو رکي اها به ڪوشش ڪئي ويندي ته، سندس ادبي ڪم جي ڪا مثبت وضاحت ٿئي ۽ هن مقالي کان اڳ ۾ کهڙن محققن ۽ نقادن سندس پورهئي جو قدر ڪندي، اُن کي ميڄتا ڏني ۽ ساڻس اختلاف رکيو آهي، تنهن جو هيٺ مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو ته: ”پاڪستان جي ورهاڱي کان پوءِ ساهتي علائقي (موجوده ضلعي نوشهري فيروز)، ادبي دنيا جي حوالي سان ٽي وڏا نالا پيدا ڪيا آهن. ڊاڪٽر نجم عباسي جنهن ۲۵ آڪٽوبر ۱۹۹۵ع تي وفات ڪئي. غلام رباني آگرو جنهن ۱۸ جنوري ۲۰۱۰ع تي ستهتر (۷۷) سالن جي ڄمار ۾ هي فاني جهان ڇڏيو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب، جنهن ڇاهتر (۷٦) سالن جي عمر ۾ ۱۵ مارچ تي دم ڏٽي حوالي ڪيو.“(لاکو، ۲۰۱۰ع، ص: ١٦٨)

هت انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته، ساهتي پرڳڻي ۾، ٻيا به ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد پيدا ٿيا آهن، جن جي هڪ وڏي لسٽ آهي. مذڪوره ٽنهي عالمن جو تعلق 'ساهتي' خطي جي تعلقي ڪنڊياري سان آهي ۽ ٻن عالمن جو تعلق خانواهڻ شهر سان آهي ۽ ٽنهي اديبن جا والدين استاد جهڙي اهم پيشي سان تعلق رکندا هئا استاد الهندو خان عباسي، استاد محمد يعقوب قريشي ۽ استاد عبداللطيف آگرو جيڪي پاڻ ۾ دوست ۽ همعصر هئا.

**جنم:** نجم الدين عباسي سنڌ جي '**ساهتي**' پرڳڻي جي قديم تاريخي ۽ علمي شهر 'خانواهڻ' تعلقي ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز ۾، ١٨ آڪٽو ١٩٢٧ع تي جنم ورتو.

**تعليم:** نجم عباسيءَ ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر خانواهڻ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾، پنهنجي والد جي زيرنگراني حاصل ڪئي، پرائمري چئن درجن پاس ڪرڻ کان پوءِ، انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ خانواهڻ کان الهندي طرف ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي موجود هڪ ننڍڙي ڳوٺ 'ٽنيا بقا شاهه' جي اي. پي. ڪلاس اسڪول ۾، سنڌ جي نامياري محقق ڊاڪٽر قريشي حامد علي 'خانائي' جي والد صاحب حڪيم قاضي ميان محمد يعقوب قريشيءَ وٽ پڙهيو، جتان ٽي درجا پاس ڪيائين. ان کان پوءِ وڌيڪ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نواب شاهه جي مشهور لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، جو هن وقت گورنمينٽ ايڇ. ايم خوجا پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول جي نالي سڏيو وڃي ٿو، اُتي داخل ٿيو، جتان سن ١٩٤٦ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان وڏي امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان سن ١٩٤٨ع ۾ انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري، ميڊيڪل جي سند حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين، جتان سن ١٩٥٣ع ۾ ايم. بي. بي. ايس جي سند حاصل ڪيائين.

**نوڪري:** ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سن ١٩٥٣ع کان ١٩٥٨ع تائين سنڌ سرڪار جي مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ نوڪري ڪئي. پنجن سالن جي نوڪري ڪرڻ کان پوءِ، سرڪاري نوڪريءَ کي خير آباد چئي اچي حيدرآباد واري علائقي گاڏي کاتي ۾ پنهنجي خانگي ڪلينڪ کوليائين ۽ حياتيءَ جي آخري گهڙي تائين پنهنجي ماروئڙن





جي خدمت ڪندو رهيو.

**سياسي ۽ سماجي خدمتن جو جذبو:** هي انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي جڏهن نجم عباسي نواب شاهه ۾ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، انهيءَ وقت برصغير پاڪ وَ هند ۾ آزاديءَ جي تحريڪ زور تي هئي. جيئن ته، نواب شاهه سنڌ جو مرڪزي شهر هو، اُن ڪري هرڪنهن تحريڪ ۾ هن شهر جي سجاڳ ماڻهن ڀرپورڪردار ادا ڪيو. خصوصاً مسلم ليگ تحريڪ جو تمام گهڻو زور هو، لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول، انهيءَ تحريڪ ۾ جيڪو مثبت ڪردار ادا ڪيو، انهيءَ جا اثرات ڪيترن ئي نوجوانن تي نمايان ٿيڻ لڳا. آل انڊيا مسلم ليگ جي پاران '**مسلم نيشنل گارڊ**' جا هڪ فوجي تنظيم هُئي ۽ مسلم ليگ جي هڪ ذيلي شاخ هئي، ملڪ جي آزاديءَ جي ڏس ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو. سيد اسدالله شاهه ٻچيريءَ وارو، انهيءَ زماني ۾ نواب شاهه ضلعي جي مسلم نيشنل گارڊ جو اڳواڻ هو. نواب شاهه جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول جي ميدان تي مسلم نيشنل گارڊ طرفان شاگردن کي فوجي سکيا ڏني ويندي هُئي، انهيءَ اثرات کي قبول ڪندي ويهن سالن جي عمر جي نوجوان نجم عباسيءَ سن ١٩٤٥ع - ١٩٤٦ع ۾ پنهنجي شهر خانواهڻ ۾، مسلم ليگ نيشنل گارڊ جو بنياد رکيو. انهيءَ تحريڪ ۾ جن ساٿين سندس ساٿ ڏنو تن ۾: محمد الياس چنو، استاد سيد دولت علي شاهه، محمد شريف ڪونڊر، محمد يعقوب ڀٽي، ڊاڪٽر قريشي حامدعلي '**خانائي**' غلام مصطفيٰ عباسي، نجم عباسيءَ جو ننڍو ڀاءُ شامل ٿيا. آخر مسلم نيشنل گارڊ وڏو زور ورتو، ۽ اُن جو نواب شاهه ضلعي جي نيشنل گارڊ سان الحاق ٿيو. ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي جڏهن آزاديءَ جو جشن پئي ملهايو ويو، تڏهن نجم عباسي هڪ قومي ترانو لکيو، جنهن کي محمد عالم ڪونڊر، محمد يعقوب ڀٽي، مير محمد ملاح، ۽ بهار ملاح ڪورس جي انداز ۾ ڳايو. استاد مرحوم محمد يعقوب قريشي '**مسلم نيشنل گارڊ**' جو اعزازي سيڪريٽري هو. تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ، اهو سمورو دفتر قريشي حامد علي خانائي وٽ موجود هو. نجم عباسي جو اهو هٿ اکر لکيل قومي ترانو انهن ڪاغذن ۾ موجود هو، پاڻ سن ١٩٦٨ع ۾ پاڻ وٽ گهرائي رکيائين. ڊاڪٽرنجم عباسيءَ جون سماجي حوالي سان تمام گهڻيون خدمتون آهن، پاڻ هڪ شفيق ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪيترن ئي ابوجهه ۽ مسڪينن جو علاج ڪري پاڻ موڪيائين.

**وفات:** نجم عباسيءَ تي سن ١٩٨٩ع ۾ هڪ موذي مرض اڌ رنگي حملو ڪيو ۽ پورا ڇهه سال انهيءَ بيماريءَ سان جهيڙيندي، ٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي ٦٨ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. نجم عباسيءَ کي خانواهڻ لڳ اتر طرف هڪ ننڍڙي ۽ تاريخي ڳوٺ ابياڻيءَ جي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو، جتي سندس آخري آرامگاهه آهي.

**ادبي خدمتون:** جيئن ته هن تحقيقي مقالي جو تعلق ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ادبي خدمتن جي مختصر جائزي سان آهي. سندس ادبي خدمتن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، نجم عباسيءَ پنهنجي علمي ۽ ادبي زندگيءَ جي شروعات طالب علميءَ جي زماني کان ڪئي هئي. پاڻ جڏهن نوابشاهه جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ته، ان وقت سنڌ جو وڏو جيد عالم، اديب ۽ مترجم، مخدوم امير احمد صاحب اسڪول ۾ عربي ٽيچر مقرر هو. مخدوم صاحب جي اعليٰ شخصيت، ذهانت ۽ محنت جو نتيجو ئي هو، جنهن اسڪول جي هيڊ ماستر ايڇ. ايم. خوجا سان گڏجي اسڪول جي تعليم جي معيار کي اوچي پد تي پهچائڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو هو. مخدوم صاحب شاگردن ۾ انگريزي تعليم سان گڏ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ قومي جذبو جاڳائڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون. مخدوم صاحب اسڪول اندر '**بزم ادب**' جي نالي سان هڪ انجمن قائم ڪئي، جنهن جي سهاري هيٺ شاگردن ۾ علم ادب، شعر و شاعريءَ سان گڏ تقرير ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. هر آچر ڏينهن '**بزم ادب**' جي طرفان هڪ مشاعرو ڪرايو ويندو هو، جنهن ۾ شاگرد پنهنجا شعر ٺاهي اچي پيش ڪندا هئا. مخدوم امير احمد انهن جي اصلاح ڪندو هو. نجم عباسي ڪائنس شاگرديءَ واري زماني کان متاثر ٿي، شعروشاعريءَ ذريعي علم ادب ۾ پير پاتو. هن سڀ کان پهرين سن ١٩٤١ع ۾ چوڏهن سالن جي عمر ۾ پهريون شعر ٺاهيو. انهيءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

سڄ چڙهي آيو مٿي، اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي،
خيال ڪر توکان ويئي، چو خلق سڀ بيزار ٿي.
روز شب، شام وسحر تون ٿو ڪرين ننڊون پيو،
ننڊ ۽ غفلت ڇڏي، اڄ ديس جو سينگار ٿي.
ننڊ آهي اي ادا! نقصان واري ٿي فقط،





ڇڏ اها ڇندي ڪٽي، پوءِ يا پلي بيڪار ٿي.
نيٺ ڇڏڻي پڻ اٿئي، ناهه ڪو ان ري علاج،
پوءِ ته آ بهتر ته، اڄ جو اڄ ڇڏي هو شيار ٿي.
'نجم' جي آيو هتي آهين پڙهڻ جي واسطي،
سخت محنت سان سگهو اسڪول جو سينگار ٿي.
(يوسف، ٢٠٠٢ع، ص: ١٦)

مذڪوره شعر کي سندس استاد مخدوم امير احمد ڏاڍو پسند فرمايو. تنهن کان پوءِ پاڻ هڪ جذبي سان سرشار ٿي دعا جا گيت لکيائين، جنهن ۾ '**بي علم عورت جو فرياد**' وارو عنوان اهميت وارو آهي. اهو شعر ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي مخزن '**اخبار تعليم**' آڪٽوبر ١٩٤٤ع جي پرچي ۾ شايع ٿيو، جنهن کي علمي ادبي حلقن وٽان مانائتي موٽ ملي. مذڪوره ڪلام تخليقڪار جي نه رڳو آئيندي جي راهه روشن ڪئي، پر سندس پرجوش جذبي سان اڳتي وڌڻ جو حوصلو پيدا ٿيو. اهڙيءَ طرح سندس لکڻ پڙهڻ جو شوق جاڳيو. تعليم بابت سندس ڪلام جو نمونو آهي:

ڏين جي ها تعليم، نه ڏک اڄ ڏسان ها،
نه دردن جو هي داستان اڄ لکان ها،
شڪايت، نه فرياد ڪائي ڪيان ها،
ٿيو تلخ مون لئه هي قسمت جو ڦيرو،
اهو ڦيرو قادر جي قدرت جو ڦيرو.

نجم عباسيءَ جي شعرن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، سندس شعرن جا ڪيترائي عنوان آهن: جن ۾ قوم کي بيداريءَ جو سبق، خواب غفلت مان اٿڻ، بهادري، هوشياري وغيره شامل آهن. سندس شعرن ۾ نوجوانن کي عيش عشرت کان پري رهڻ ۽ پنهنجي وطن جي هرهڪ شيءِ سان پيار ڪرڻ ۽ انهيءَ جي سارسنڀال جو خيال رکڻ متعلق درس ڏنو ويو آهي. پاڻ توڙي جو هڪ نوجوان هوندي به، سنجيده خيالن سان پنهنجي شعرن ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدرن وارا پهلو نمايان ڪري پيش ڪيا اٿس. اهڙن عنوانن ۾: حيا ۽ علم، پاڻ تي ضابطو ۽ پيءُ ماءُ جي عزت جهڙا اهم موضوع شامل آهن، جن ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي پرچار ڪئي وئي آهي. هت وري هڪ ڳالهه جو

ورجاءُ ڪجي ٿو ته، نجم عباسيءَ کي اسڪول جي زماني کان اهڙي تربيت حاصل ٿي، جو سندس ادبي ذوق ۾ وقت جي حساب سان جيئن جيئن عمر سان گڏ مطالعو ۽ مشاهدو وڌندو ويو، تيئن تيئن سندس علم ۽ عقل ۾ اضافي سان گڏ سندس لکڻين ۾ فهم ۽ فڪر جي اوسر ۾ نوان نوان گوشا نروار ٿيندا رهيا. اهو سمورو ڪم استادن جي ڏنل درست هدايتن جو نتيجو هو، جو پنهنجي ماحول ڏانهن نهاري اُن جي سمورين رسمن ۽ ريتن جو نچوڙ ڪڍي پنهنجي تحريرن ۾ فهم ۽ ادارڪ سان شامل ڪندو رهيو. اُن وقت جي ضرورت ۽ گهرجن پٽاندڙ استادن پنهنجي شاگردن ۾ علمي شعور ٿي ڏنو ته، ٻارن کي ديني ۽ دنيوي تعليم سان گڏ ادبي سکيا ڏيڻ پڻ لازمي امر آهي. نجم عباسيءَ جي ذاتي زندگيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته، سندس شخصيت تي ايچ. ايم. خوجا ۽ مخدوم امير احمد جهڙن ناميارن استادن جي عظيم ڪردار ۽ سندس درسگاهه ۾ موجود علمي ماحول جا گهرا نقش نمايان ٿي اڀرندا رهيا، جنهن ڪري ”نجم عباسيءَ تي (جوانيءَ ۾)، مذهبي عنصر به گهڻو حاوي ٿو ڏسجي، سندس ڪافي شعرن ۾ توحيد ۽ اسلام جي پرچار جي تلقين به ڪيل آهي. انهن ڏينهن ۾ (١٠ ڊسمبر ١٩٤٤ع) تي ’رسول جون چوٽيون‘ جي نالي سان پاڻ سڳورن جي حديثن واري انگريزي ڪتاب Saying Muhammad جو منظوم ترجمو پڻ ڪيائين. سندس ڪتاب ’**مون پڻ ڳايو هو**‘ ۾ ٣٠ کان ٤٠ منظوم قول ڏنل آهن“(يوسف، ٢٠٠٢ع، ص: ٢١) ڪتاب ’**مون پڻ ڳايو هو**‘ ۾ اهو سمورو شعر ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهي. انهيءَ سموري مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، نجم عباسي پنهنجي ادبي زندگيءَ جي ابتدا ۾ شاعريءَ سان شروعات ڪئي آهي.

هت هي ڳالهه به ورجائڻي ٿي پوي ٿي ته، نجم عباسيءَ جو والد حاجي الهندو خان استاديءَ جهڙي پيغمبري پيشي سان واڳيل هو، انهيءَ ڪري ڪتابن جي مطالعي جو ڏاڍو شوق رکندو هو، وٽس هر موضوع تي ڪيترائي علمي ادبي ڪتاب گهر ۾ قائم ڪيل لائبريريءَ ۾ موجود هئا. نجم عباسي انهيءَ ماحول کان به ڏاڍو متاثر پڻ ٿيو، جنهن ڪري اڳتي هلي منجهس لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق جاڳايو ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ قلم ۽ قرطاس هٿ ۾ کڻي، سن ١٩٤٧ع ۾، ’**همت ۽ ڪوشش**‘ جي عنوان سان ويهن سالن جي عمر ۾ پهرين ڪهاڻي لکيائين. جيڪا جولاءِ ١٩٤٧ع ۾ سنڌ سرڪار جي ’**سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ**‘ (جو هن وقت ’**سنڌي ادبي بورڊ**‘ جي نالي سان سڏجي ٿو) طرفان شايع ٿيندڙ علمي ۽ ادبي رسالي ’**مهراڻ**‘ ۾ شايع ٿي. اُن وقت





رسالي جو ايڊيٽر، سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ، لالچند امر ڏنو مل هو. اُن کان پوءِ ساڳئي رسالي ’**مهراڻ**‘ جي آڪٽوبر _ ڊسمبر ١٩٤٧ع ۾ سندس ٻي ڪهاڻي ’**ڪنڊ جي چوري**‘ جي نالي سان شايع ٿي. اهڙيءَ طرح نجم عباسي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان پاڻ مڃرائڻ لڳو ۽ ادبي حلقن ۾ ناماچاري حاصل ڪيائين.

**نجم عباسي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾:** نجم عباسي ڪهاڻي لکڻ جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ’**خانواهڻ**‘ جي علمي ادبي ماحول کان متاثر ٿيندي ڪئي. خانواهڻ شهر ۽ ان جي آس جي ڳوٺن ۾ ڪيترائي ڏاها عالم ۽ اڪابر موجود هئا، جن جي سينن ۾ سانديل سنڌ جي صدين جي تاريخ ۽ ادب جون ڪيتريون روايتون هيون، جن جا قصا ۽ ڳالهيون دلچسپ نوع ۾ وڏڙن واتان سڀ ڪنهن کي ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيندو هو. انهن ڪچهرين جا هنبار موضوع هئا، جن مان هرڪو پيو پرائيندو هو. ڪچهريءَ جي وينجهارن جا ڪيترائي ذاتي تجربا ۽ مشاهدا هئا، جن جي نڪتل ٻولن مان نجم عباسي ڪهاڻي لکڻ جا گُر سکيا. انهن ڏاهن ۾: سنڌي زبان جا بهترين شاعر ۽ نثر نگار قاضي ميان محمد يعقوب ’**صابر**‘ قريشي، ماستر هيرانند، ماستر سکر مل، سيد دولت علي شاهه، ڦڳڻ مل، استاد ڪريم بخش عباسي، محمد يعقوب ڀٽي ۽ نجم عباسيءَ جو والد استاد الهندو خان عباسي جيڪي پنهنجي ڪچهرين ۾ گل خندان، طوطا مينا، شيرين فرهاد ۽ داستان امير حمزه وغيره جي قصن، ڪهاڻين ۽ داستانن جون ڳالهيون پچاريندا هئا. نجم عباسي انهن ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي وڏڙن جي علمي ۽ ادبي فيض کان فيضياب ٿيندي، ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ڪئي. ”استاد الهندي خان کي ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. سندس گهر ۾ هڪ ننڍڙي لائبريري قائم هُئي، جنهن ۾ مختلف عنوانن تي بهترين ۽ ناياب ڪتاب گڏ ڪيا هئائين. نجم عباسي پنهنجي گهر جي انهيءَ ڪتابي ماحول کان متاثر ٿيو. ان زماني ۾ سنڌ جي مشهور عالم، اديب ۽ نقاد محمد عثمان ڏيپلائيءَ جا ڪتاب سنڌ اندر ڏاڍو مقبول هئا. نجم عباسي، ڏيپلائيءَ جي انقلابي لکڻين کان پڻ ڏاڍو متاثر ٿيو.... سن ١٩٤٤ع سترهن سالن جي عمر ۾’**همت ۽ ڪوشش**‘ جي عنوان سان پهرين ڪهاڻي لکيائين.“(قريشي، ١٩٩٩ع، ص: ١٠ ۽ ١١)

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي مطالعي مان جا ڳالهه آڏو اچي ٿي ته، هن سنڌ جي اٻوجهه ۽ معصوم ماڻهن کي دقيانوسي خيالن، وهمن ۽ توهم پرستي، اجاين رسمن

۽ رواجن کان پري رهڻ جو درس ڏنو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ مظلوم ۽ ماريل طبقي جي ماڻهن جي ڪُوڪن ۽ فريادن جو ذڪر ملي ٿو ته، هُو پنهنجي بيحسيءَ سبب غلام ٿيو آهن. سنڌ جي عورت جي مظلوميت جا بيان آهن ۽ انهن مظلوم عورتن جي تڪليفن تي ڏڪارو نظر اچي ٿو. هن جو وڏو مشاهدو، مطالعو ۽ تجربو هو، ڇاڪاڻ جو هُو هڪ ماهرڊاڪٽر هو، وٽس هروقت هر قسم جي سوچ جا ماڻهو علاج واسطي ايندا هئا ۽ پنهنجي بيماريءَ ۽ تڪليفن متعلق ڪچهري ڪندا هئا. نجم عباسي هڪ اديب هو سندس دل ۾ ويٺل حساس طبيعت وارو انسان انهن مريضن کان اهو پڻ ضرور پڇندو هوندو ته، اوهان ڪٿان ڪٿان اڳ ۾ علاج ڪرايو آهي. يقيناً هر مريض جي ذهني ڪيفيت هوندي آهي ته، هُو اڳ ۾ ڪهڙن ڪهڙن ڊاڪٽر وٽ ويو آهي، جن حڪيمن وٽ ويو آهي، مُلن کان ڦيڻا سڳا ۽ ڌاڳا ڪرايا آهن. پيرن جا در پيٽيا آهن ۽ اتان جي ڪندين ۽ ڪنڊڙين جا ٻور پيتا ۽ ڇوڏا ٻڌا آهن. اهڙيءَ طرح مظلومن ۽ غريب مريضن جي اچ وچ ٿيندي رهندي هُئي ۽ انهن جي علاج ڪان ويندي انهن جي ذاتي زندگي، بک، بيماري ڪان بدحاليءَ تائين حال احوال ٻڌي سٽي، انهن جو علاج ڪندو هو. ڊاڪٽر نجم عباسي مظلوم انسانن جا لڱ ڪانداريندڙ داستان ٻڌي انهن جي حقيقي تصوير ڪڍي پنهنجي سماج ڪي ڪهاڻين وسيلي آئينو ڏيکاريندو هو ته، هن سماج جا هي مسئلا آهن. مظلومن جي علاج ڪان ويندي اصلاح جا درست رستا تجويز ڪندو هو. نجم عباسي سچ ڪي سچ ۽ ڪوڙ ڪي ڪوڙ چوڻ جي جرئت رکندڙ ڪهاڻيڪار هو جنهن ڪري سندس ڪهاڻين ڪي هڪ وڏو حلقو پڙهندو هو ۽ انهن جو اظهار ڪري ڪيس خط لکندو هو. نجم عباسيءَ جي سچائيءَ بابت خاڪي جويي پنهنجي ڪتاب ’سوچون هڪ سچار جون‘ ۾ لکي ٿو ته: ”نجم عباسي پنهنجي ڪتاب ’ڏنم اڻ ڏٺل‘ توڙي ’تصوف جي ڇيرڦاڙ‘ ۾ تمام تکيون، ڪَرِيُون ۽ سچيون ڳالهيون، بنا ڪنهن رکُ رکاءَ جي ڪيون آهن: جيڪي ٻيو ڪو ماڻهو چاهيندي به نه ڪري سگهندو آهي، ڇو ته ايڏي وڏي سچ چوڻ جي جرئت هر ڪنهن ماڻهوءَ ۾ نه هوندي آهي.“(جويو، خاڪي: ١٩٩٩ع، ص: ١٨)

اسان وٽ شاهه ڀٽائيءَ کان پوءِ هن دؤر ۾ استاد بخاري عوامي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ نجم عباسيءَ عوامي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن. اڳي جيڪي ڪهاڻيون لکيون وينديون هيون، تن جا هيرا ۽ سورما بادشاهه، شهزادا ۽ شهزاديون، امير، جاگيردار ۽ سوداگر هوندا هئا جڏهن ته، نجم عباسيءَ جا هيرا پورهيت ۽ عام ماڻهو





آهن. ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي جو هڪ مخصوص رخ هوندو آهي ۽ انهيءَ تاڃي پيٽي ۾ اٽيل صنف جي وضاحت ٿيندي آهي ۽ ڪهاڻيءَ جي صنف به اهڙن مختلف مرحلن ۽ عنصرن تي آڌاريل هوندي آهي، جنهن جي تعريف هن ريت آهي:

١. پلاٽ

٢. ڪردار نگاري

٣. منظر نگاري

٤. مرڪزي خيال

٥. مڪالما

٦. ٻولي

مذڪوره جزن تي ڪهاڻيءَ جو تاڃو پيٽو جوڙيو ويندو آهي.

**پلاٽ:** باخبر ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ جو تاڃو پيٽو اڳواٽ جوڙڻ جو خيال ذهن ۾ رکي پوءِ هرهڪ عنصر ڪي ترتيب ۾ رکي ڪهاڻيءَ ڪي مختلف جزن ۾ ورهائيندو آهي. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جا پلاٽ بلڪل سڌا سنوان سمجهه ۾ ايندڙ ۽ معاشري مان ڪنيل ڇرندڙ ڦرندڙ ڪردار ۽ واقعا جن ۾ ڪوبه واقعو غير حقيقي ۽ خيالي ڪونهي، سڀ وارداتون معاشري جي عڪاسي ڪن ٿيون.

**ڪردار نگاري:** نجم عباسيءَ جي ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار صحيح طور تخليقي ادب جا جيئرا جاڳندڙ، تجزيي ۽ تبصري هيٺ ايندڙ، خواه اوک ڊوک ۾ ڪن سماجي قدرن، معيارن ۽ انساني ڇتن ڇهرن سان گهمندڙ ڦرندڙ اهڙا ته، ڪي ظالم ۽ مظلوم آهن. هڪڙا رت پيئن ٿا ۽ ٻيا رت ڏين ٿا، تن مان سمجهي سگهجي ٿو ته، ڪهڙا ڪردار عوام دوست آهن ۽ ڪهڙا ڪردار پاڻ ڪي همدرديءَ جو هٿ ٺوڪيو جامو پهرائي چالاڪيءَ جي چوگي مان خنجر ڪڍي مظلومن جو رت پِي رهيا آهن، جيڪي ڏتڙيل ۽ ذهني غريب ڪردار آهن، تن ڪي پنهنجي ساهه ڪنئي سُڌ ئي نه ٿي پوي ته، انهن ڪي پنهنجي حقن جي به خبر نه آهي ۽ پنهنجي مظلوميت ڪي لڪئي جو ليک سمجهي پوڳي رهيا آهن. نجم عباسي انهن ماڻهن ڪي سجاڳ ڪرڻ ٿو چاهي، جن وٽ زبان ۽ سوچڻ لاءِ عقل به آهي، پر ڳالهائي نه ٿا سگهن تن ڪي پنهنجي ڪردارن وسيلي ڳالهائڻ

۽ پنهنجي حقن جي حيثيت بابت ٻڌائڻ ٿو چاهي ته، من ڪا سجاڳي پيدا ٿي پوي. سندس ڪردارن کي ڪهاڻين ۾ جڏهن ڳالهائيندي ٻڌجي ٿو ته، نجم عباسيءَ جي شعور ۽ فهم جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو ته، نجم عباسي جن ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي، اهي ڪردار پڙهندڙن جي اڳيان ائين چٽا ٿي بيهن ٿا، ڄڻ ته، هي ماڻهو اسان جي سماج جا ڏتل واتل آهن، جن کي ليکڪ اهڙي طرح تربيت ڏئي تيار ٿو ڪري جو ظالمن لاءِ ڪات ڪهاڙا ايا ڪري مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ تيار ٿي پوندا آهن. نجم عباسي ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيت ڪان وٺي انهن جي هيٺائي ۽ ڏاڍن جي ڏاڍائي جي مختلف روپن کي کولي بيان ڪري ٿو. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻيءَ **'دارون هن ديواني جو'** ۾ هڪ مست الست **'پريل'**، جنهن جو تعارف هن طرح ڪرايو ويو آهي: ”پريل جا مُنهن مهاندا پاڳلن جهڙا نہ هئا، ۽ نہ ئي هن جي بدني ساخت، چرين، احمقن يا چسن جهڙي هئي، پر هن جا افعال ديوانن جهڙا هئا. هن جي مٿي جا وار بيحد وڌيل، جيئن سنياسين جون ان مان جٽائون ٺهي سگهن، انهن ۾ چيڙهہ ۽ مٽيءَ جا مڻ اٽيا....“(ريحانہ، ٢٠١٦ع، ص: ١٢٦) اهڙي طرح سندس ڪهاڻي **'سڙي سارو ڏينهن'** هڪ مولويءَ جو ڪردار آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار پنهنجي نقطئہِ سان ڏٺو، سمجهيو، پرکيو، پروڙيو ۽ بيان ڪيو آهي. **'ڪوريءَ جي ڪهاڻي'** ۾ سندس ڪردار ڪان جيڪو احتجاج ڪرائي ٿو، سو بہ قابل تعريف آهي. **'پڌرناما'** ۾ هڪ سٺ سالہ عمر جي هڪ مفلس ماڻهوءَ جو ڪردار آهي.

نجم عباسيءَ هڪ برجستو ڪهاڻيڪار هو، جنهن جي ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي معاشريءَ جا پنهنجا ڪردار آهن، جنهن کي پنهنجو آزاد وطن آهي، پر پوءِ بہ غلاميءَ جو رسو ڳچين ۾ اٿن، نہ پنهنجي مرضيءَ سان جِي سگهن ٿا ۽ نہ مري ٿا سگهن. اهڙي طرح سندس ڪهاڻين جي عنوانن ۾: **'پاڻ ۾ ويٺا آهيون'**، **'چوڏو'**، **'سورج هوندي مرجهايل'**، **'ديسي سيڻ ڪجن'**، **'دارون هن ديواني جو'**، **'چيڳري'**، **'ناچڻي'** وغيره اهم ڪهاڻيون آهن. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي ڪردارن جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ، هن جي ڪهاڻين جا ڪردار بي وس ۽ لاچار ضرور آهن، انهن ۾ حوصلو ۽ همت پيدا ڪري، ڪهاڻيڪار پنهنجي حقن لاءِ لڙڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ لاءِ اتساهہ پيدا ڪرائي ٿو.

**منظر نگاري:** ڪوبہ ناول يا ڪهاڻي پنهنجي خوبصورت منظر نگاريءَ





ڪانسواءِ اڻپوري يا اڌوري ليکي ويندي آهي. فلمن ۾ يا ڊرامن ۾ منظر تہ، اکين سان ڏسبا آهن، پر ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ محسوس ڪيا ويندا آهن. نجم عباسيءَ جي هڪ ڪهاڻي، جيڪا سندس ڪتاب **'سورج هوندي مرجهايل'** جي پهرين ڪهاڻيءَ جو عنوان بہ، اهوئي آهي **'سورج هوندي مرجهايل'** ۾ منظر ڪشي هن طرح ڪيل آهي: ”ٻاهران ئي گهر اندر لاڏا ۽ دهل جو آواز ٻڌي ائين محسوس ٿيم ڄڻ هن سخت اُس ۽ ٻوسٽ واري گرميءَ ۾ ٿڌڙي فرحتي هوا جو جهوٽو ڳلن کي ڇهندو هجي. تڪڙو تڪڙو گهر ۾ گهڙي ويس. آواز چقمق وانگر چڪي رهيو هو. سڌو اوڏانهن وڌيس جتان آواز ٿي آيو. هڪ صفي ۾ تڏي تي ميڙ ڪيل رنگ برنگي لباس ۾ ڇوڪرين جو جهڳٽو هو. پهرين خيال آيو تہ متان ڳائيندڙ ۽ دهل وڄائيندڙ اوڙي پاڙي واريون هجن. پر نہ، هي سڀ اسان جي پنهنجي خاندان جون هيون. مون کي ڏسي چپ ٿي ويون، مان هڙني کي حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳس. پوءِ سرهائيءَ مان چيم: ”ماٺ ڇو ٿي ويون؟ وڄايو! وڄايو! ڳايو! ڳايو!.“(عباسي، نجم، ١٩٩١ع، ص: ١٨، ١٩) مذڪوره ڪهاڻيءَ ۾ گهوٽ ڪنوار لاءِ جهنڊين ۽ گلن سان سينگاريل ڪمرو تہ، ٻئي طرف، ڳوٺ جا ڊگها ڊگها وڻ، نم، سرنهن ۽ ٻيرن جي ساوڪ ۽ سرهاڻ کي پڙهي ڪهاڻيءَ جي منظر نگاري دل ۽ دماغ موهي ٿي رکي جا هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار جي ڪماليت ۽ سونهن نظر اچي ٿي.

**مرڪزي خيال:** 'آواز ڏي ڪٿي آن!' ڪهاڻي ۾ مرڪزي ڪردار بي جان نہ، پر جاندار ڪردار آهي. ماحول بہ اهڙو پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ رومانوي فضا جي خوشبوءِ اچي رهي آهي، جيڪا دماغ ۾ تحرڪ پيدا ڪري ٿي. هي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نجم عباسيءَ پنهنجي وسيع مشاهدي ۽ سوچ ويچار سان هڪڙو، اهڙو نقطئہ نظر پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ جدت سان گڏ سهڻو اسلوب پڙهندڙن تي هڪ خاص اثر ڇڏي ٿو. هڪ ڳائڻي جنهن جي انتظار ۾ هزارين ماڻهو گلن جا هار کنيو بيٺا آهن ۽ جڏهن اچي ٿي تہ، اُن کي هرڪو نمي ڪمي، سلام ڪري ٿو نمستي ڪري ٿو ۽ هن ڪهاڻي جو اهم ڪردار هڪ ڊاڪٽر آهي، جنهن تي شڪجي ٿو، پر آخر تائين سڃاڻي نہ ٿو سگهي ڪير آهي. نجم عباسي لکي ٿو تہ: ”منهنجي ڪهاڻين جا مرڪزي موضوع غير سنڌي ۽ مذهب رهيو آهي.“(يوسف، ٢٠٠٢ع، ص: ٤٠)

**مُڪالما:** نجم عباسي هڪ وسيع تجربو رکندڙ اديب هو انهيءَ جو هرقسم جي ماڻهن سان واسطو هو ۽ هرقسم جي ماڻهن جو معالج هو، يعني هو ”زندگيءَ جي

هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جي حالات کان واقف هو انهيءَ ڪري هاري، مزدور، فقير، امير، شاهہ، گدا، جوان، پوڙها ٻار، وڏا، عورتون، مذهبي رهنما، آزادي پسند، ڪوڙي خواهہ سچي محبت جو دم ڀريندڙ، مطلب تہ هر قسم جا ڪردار سندس افسانن جي صفحن جي زينت بڻجي پڙهندڙن جي اڳيان اچن ٿا.”(قريشي، حامدعلي، ١٩٩٥ع، ص: ٣٠) انهيءَ مشاهدي ۽ مطالعي جي ڪري ڪردارن کان جيڪو ڪجهہ چورائيندو آهي، اهو ڪردارن جي عمل تي پورو لهي ٿو.

**ٻولي:** هرهڪ ليکڪ پنهنجي زبان، اسلوب ۽ رنگ ڍنگ سان سڃاتو ويندو آهي. نجم عباسيءَ جو بہ پنهنجو لهجو ۽ پنهنجو اسلوب آهي، جنهن وسيلي هُو پنهنجي تخليقن کي جاندار بڻائي پيش ڪري ٿو. نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن کان جيڪي ٻولي چورائي ٿو سا ڪردارن جي مُنهن تي پوي ٿي. سندس ڪهاڻي ’سمنڊ ٿو پڪاري‘ ۾ استعمال ڪيل ٻوليءَ جو استعمال ملاحظ فرمايو: ”هي سمنڊ، هي سنڌي سمنڊ، سنڌ جو اصل کان سائي، سنڌ جي ڌرتيءَ جو هم عمر، همعصر، سنڌ جي ڌرتيءَ کان ڪڏهن نہ جدا ٿيندڙ.... ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن وٽ، سمنڊ جي ڪناري واري پٽ مٿان ويهي، هُو مٿيون گيت ڳائي رهيو هو.”(عباسي، ١٩٩١ع، ص: ٤٧) نجم عباسي پنهنجي شعور ۽ فڪر سان جيڪا ٻولي استعمال ڪري ٿو، سا جاندار ۽ لطيف جذبن سان ڀريل نظر اچي ٿي.

مجموعي طور نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو تہ، سندس پهرين ڪهاڻي ’همٿ ۽ ڪوشش‘ جي عنوان سان، سن ١٩٤٦ع ’مهراڻ‘ رسالي ۾ شايع ٿي، اهڙي طرح سندس آخري ڪهاڻي جا اڻپوري لکيل آهي، سا بہ، سن ١٩٩٥ع ۾ سندس وفات کانپوءِ ’مهراڻ‘ نمبر٤، ١٩٩٥ع ۾ ’پيار ۽ دشمني‘ جي عنوان شايع ٿيل آهي. يعني پهرين ۽ آخري ڪهاڻي کي شايع ڪرڻ جو شرف سنڌي ادبي بورڊ جي مقبول رسالي ’مهراڻ‘ کي حاصل ٿيو آهي. يوسف سنڌي جي تحقيق موجب نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد ١٢ آهي، جنهن ۾ سندس ڪل ڪهاڻين جو تعداد ٢٧٥ ٿئي ٿو. عبدالواحد سنڌي لکي ٿو تہ: ”هڪڙا ليکڪ فن لاءِ لکندا آهن، پر نجم عباسي مقصد لاءِ لکندو آهي.”(يوسف، 2002ع، ص: 30)

**نجم عباسي بحيثيت مترجم:** ترجمي جو ڪم انتهائي مشڪل ڪم آهي، جنهن ۾ مترجم جي علمي قابليت سان گڏ مصنف جي شخصيت، فڪر ۽ اسلوب سان





جڙيل هوندو آهي تہ، مصنف پنهنجي تخليق يا تحقيق ۾ هڪ طرف انهيءَ ڪلچر کان واقف هجي، جنهن زبان تان ترجمو ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ کي پنهنجي ماحول ۾ ٺهڪائڻ سان گڏوگڏ ٻنهي زبانن جي روح کي رهڻ بہ نہ اچي. جيڪڏهن ٻنهيءَ مان هڪ ٻوليءَ جي قاعدن ۽ قانونن جي لتاڙ ڪئي وئي تہ، پڙهندڙ انهيءَ کان ڪوبہ لاڀ حاصل نہ ڪري سگهندا ۽ نہ ئي وري اهو ترجمو قومي ۽ عوامي مڃتا ماڻيندو. نجم عباسي هڪ گهڻ پڙهيو ۽ گهڻين ٻولين جي ادب ۾ دلچسپي وٺندڙ اديب هو، جنهن ڪري پوري طرح اندر ۾ احساس رکندڙ هو تہ، ڪنهن بہ زبان جي لوازمات ۽ سماجي حالات سان ناانصافي نہ ٿئي اهڙي ناانصافيءَ تي لکي ٿو: ”هڪ ڏينهن خليل جبران جي ڪتابن جا ورق ورائيندي، هڪڙي اڙدو ڪتاب ’دلهن ڪِي سيج‘ ڏٺم تہ ان جي ڪهاڻين مان ڪي ڪهاڻيون اهڙيون بہ هيون، جي ’سرڪش روحين‘ ۾ بہ آيل هيون. اهو ڪتاب وٺي گهر پيٽي ڏٺم. ’سرڪش روحين‘ ۾ مترجم جو نالو حبيب اشعر هو. ’دلهن ڪِي سيج‘ ۾ ترجمان جو نالو ابوالعاليٰ چشتي هو ۽ ’دلهن ڪي سيج‘ ڪتاب ۾، ’سرڪش روحين‘ ڪتاب جي ٽيئي ڪهاڻين مان ٽي ڪهاڻيون ڏنل هيون. فقط ڏکي ڪهاڻي ’خليل ڪافر‘ ڪانہ هئي، البت انهن ڪهاڻين جي سرن ۾ فرق هو.”(عباسي، ١٩٩٦ع، ص: ٧، ٨) انهن ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ، نجم عباسي، جيئن مريض جي نبض شناسي ڪندو هو، تيئن مختلف ليکڪن جا ڪتاب مطالعو ڪري انهن مان عرق ڪڍندو هو. نجم عباسي، جڏهن ستاويهن سالن جي عمر جو جوان هو تہ، اُن وقت کان وٺي خليل جبران جي ڪتابن جي ترجمن وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيائين. نجم عباسي لکي ٿو تہ: ”جنوري ١٩٥٤ع ۾، جڏهن مان لاڙڪاڻي جي سول اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر هوس، تڏهن خليل جبران جي ڪتاب Spirits Rebellious جي هڪڙي ڏکي ڪهاڻي، جنهن کي مون ’پهاڙن ۾ پڪار‘ جو سرو ڏنو، تنهنجو ترجمو شروع ڪيو هوم. ڪهاڻيءَ جي نئين حصي کي سنڌيءَ ۾ آندم.”(عباسي، ١٩٩٦ع، ص: ٧) نجم عباسي، ٻين ٻولين مان سنڌيءَ زبان ۾، ڪهاڻيون، ناول ۽ ناٽڪ بہ ترجمو ڪيا آهن:

’ڳاڙهو لالٽين‘ هي هڪ ناٽڪ جو ترجمو آهي، جيڪو ١٩٧٤ع ۾، ٻن پاڳن ۾ ترجمو ڪيو ويو. اهڙي طرح ’اڪيلا نہ آهيون‘ جي عنوان سان سن ١٩٨٢ع، ’پهاڙن ۾ پُڪار‘ ڪهاڻيون سن ١٩٨٤ع، ’گانڌي‘ جيون ڪهاڻي سن ١٩٨٧ع، ’زلزلو‘ ناول سن ١٩٨٨ع، ’ماسترياڻي‘ ناول سن ١٩٨٨ع بہ ڇاپا ۽ ’لينن جي انقلابي ڪهاڻي‘ جيون

ڪهاڻي سن ١٩٨٩ع ۾ ترجما ڪيائين. اسان جڏهن سندس سموري پورهئي جو مطالعو ڪريون ٿا تہ سندس ڪهاڻيون، ناٽڪ، شاعري، آتم ڪهاڻي، مضمون نويسي، ناول، تنقيد، ڪالم، ڊائريون، انٽرويوز ۽ سندس خطن جي ذخيري سان سنڌي ادب ۾ اهم اضافو نظر اچي ٿو. نجم عباسي لکي ٿو: "اڳي آس پاس (Local) جو زمانو هو، هاڻي عالمي (International) زمانو آهي. اڳي ماڻهن جي ڄاڻ، پنهنجي ملڪ يا پروارن ملڪن جي تاريخ، تهذيب ۽ جاگرافيءَ تائين محدود هوندي هئي. هاڻي ماڻهو پوري دنيا جي واقعن جي تاريخ ۽ جاگرافي ڄاڻن ٿا. ان ڪري اڳي ڪتابن ۾ آسپاس جي باري ۾ لکيو ويندو هو ۽ هاڻي ڪتابن ۾ عالمي سطح تي لکيو وڃي ٿو. اڳيان ڪتاب آسپاس (Local) هئا. اڄوڪا ڪتاب (International) آهن."[۴] اها ئي ڳالهہ درست آهي تہ هندستان ۽ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، گهٽنائن، اوتارن ۽ ڪردارن جي باري ۾ ڪيتريون ڳالهيون آهن تہ ٻئي طرف ڀڳوت گيتا ۽ رامائڻ ڀارت جون ڳالهيون ۽ ڏند ڪٿائون جابجا ۽ عام توڙي خاص جي زبان تي هيون. اها بہ هڪ چڱي ڳالهہ هُئي جو ماڻهو پنهنجي مذهبي ڪتابن توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن پاڪ ۾ مصر، فلسطين، شام، يمن، اسرائيل ۽ عربستان جي واقعن، تاريخ، جاگرافي، نبين، ولين ۽ ٻين تاجر شخصيتن جي دولت ۽ گهمنڊ جا بيان پڙهندا هئا. ڪتابن ۽ روايتن ۾ فردوسيءَ جي شاهنامي ۽ ايران جي تاريخ ۽ ايران جي بادشاهن جا تفصيل ڏنل آهن.

نجم عباسي لکي ٿو تہ: "ٻين ٻولين جي لکڻين ۽ خاص ڪري ادبي لکڻين جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ ان مختلف اتساهہ ۽ سبب ٿي سگهن ٿا: مترجم ڪو ادبي فن جو شاهڪار پڙهندو آهي تہ ان ڪي ترجمو ڪندو آهي. جڳ مشهور ليکڪ جي لکڻين ڪي پنهنجي ٻوليءَ جو ويس ڍڪائبو آهي."(عباسي: ١٩٩٦ع، ص: ٩)

ڊاڪٽر نجم عباسي بہ دنيا جي شاهڪار ادبي تخليقن جو مطالعو ڪري انهن کي سنڌيءَ ٻوليءَ جو ويس ڍڪائي دنيا جي مشهور ۽ معروف ليکڪن جي خيالن ڪي پنهنجي قوم سان متعارف ڪرايو آهي. ڊاڪٽر عباسيءَ جو خيال آهي تہ پنهنجي قوم کي ٻين ملڪن جي قومي جنگين ۽ طبقاتي جاکوڙ جي ڄاڻ پهچائڻ لاءِ بہ ترجمو ڪيو ويندو آهي."(عباسي ١٩٩٦ع، ص: ٩) اهڙي ڪم جي ڪري نون فنن طرف پڙهندڙن جو ڌيان ويندو آهي، هُو انهيءَ فن سان روشناس ٿي ٻين جي خيالن ۽ ڳالهين کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا نوان خيال پيدا ٿيندا آهن. نجم عباسي هڪ ڪتاب





'پهاڙن ۾ پڪار' جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. دراصل هي ڪتاب خليل جبران جي هڪ ڏکي ڪهاڻي 'Spirits Republic' جو ترجمو ڪيو آهي، جنهن جا عنوان آهن: پهاڙن ۾ پڪار، قاتل ڪنوار، انصاف جون قبرون، باغي زال ۽ فنڪار پڻ اچي وڃن ٿيون. ڊاڪٽر عباسي لکي ٿو تہ: "خليل جبران جي هنن ڪهاڻين جو نشانو طبقاتي سماج آهي، اهو طبقاتي سماج، جنهن کي زميندار، سرمائيدار، حاڪم ۽ پادريءَ پيدا ڪيو. هو پرمار ظلمن تي نظرياتي نقاد ٿو ڏسجي. پرمارن جي پرماريت، ظلمن، مڪارين ۽ عياشين تي باهہ ٿي وڃي ٿو، پر اهڙي حل جي هن وٽ صحيح ساڃاهہ ڪانهي يا صحيح ساڃاهہ ۽ شعور آهي تہ ذهني طرح ميڇي ڪونہ ٿو يا مصلحت ڪري ان کي نظرانداز ڪري ٿو"(عباسي، ١٩٩٦ع، ص: ١١، ١٢) نجم عباسي هڪ ڏاهو ڪهاڻيڪار، مترجم، ناول نگار ۽ افسانہ نگار هو، جنهن ڪري سندس نيڪ تمنا هئي تہ سنڌي سماج کي انهن سمورين براين ۽ بڇڙاين کان بچائجي، جيڪي مظلوم ٿي پاڻ تي ظلم برداشت ڪري رهيا آهن اُن ڪري هن خليل جبران ۽ ٻين انقلابي ليکڪن جي ڪتابن جا ترجما ڪيا آهن. خليل جبران جي "طبقاتي سماج ۾ مذهب ۽ شاديءَ جي مامرن جي وڍ ڪُٽ، مون کي هنن ڪهاڻين جو ترجمو ڪرڻ تي تيار ڪيو."(عباسي: ١٩٩٦ع، ص:١٢) هي سمورو ڪتاب هڪ سؤ پنجويهہ صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو سماج کي نوان خيال ڏئي اُتساهہ بخشي ٿو. نجم عباسيءَ جهڙن انقلابي سوچ رکندڙ اديبن جي لکڻ کان پوءِ، "سنڌ جو نوجوان طبقو، مرد ۽ عورت، امير ۽ غريب، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، عالم ۽ جاهل، مزدور ۽ هاري، استاد ۽ شاگرد، مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ انسان بدلجي چڪا آهن. انهن جي روزمره جي زندگي ۽ سماجي خواه معاشرتي حالتن ۾ ڪافي انقلاب اچي چُڪو آهي. سنڌين جي گفتار، رفتار، زندگيءَ جي رهڻ جي طور طريقن ۽ رنگ ڍنگ ۾ بہ اها اڳ واري حالت نہ رهي آهي. هتان جي ماڻهن ۾ ڪافي سوچ ۽ سمجهہ جو مادو پيدا ٿي چڪو آهي. پنهنجي پرائي ۾ فرق ڄاڻن ٿا. بُري ۽ ڀلي جي ڄاڻ رکن ٿا."(قريشي، ١٩٩٥ع، ص: ٣٩) اهو سمورو شعور اسان جي باشعور ليکڪن جي شاهڪار تخليقن جو نتيجو آهي. سنڌ جي مترجمن ٻين ٻولين جي شاهڪار ڪتابن جا ترجما انهيءَ خيال کان ڪيا تہ پاڪستاني قوم کي شعور ڪيئن ڏجي جو هُو فهم، فڪر ۽ ادراڪ سان سرشار ٿي پنهنجي اندر ڪا ساڃاهہ پيدا ڪري اڳتي وڌندا رهن، جنهن جو نتيجو سٺو نڪري رهيو آهي ۽ اڃا بہ اهڙي ڪم جي ضرورت آهي جو دنيا

جي ڪُنڊ ڪڙڇ جي معلومات اسان تائين پهچندي رهي ته جيئن، اسين جڳ جهان جي تازن خيالن ۽ واقعن کان واقفيت حاصل ڪري دنيا جي ترقي يافته ملڪن سان هرهڪ شعبي ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهون ۽ پنهنجي وطن جو نالو روشن ڪريون. نجم عباسيءَ جهڙن معتبر اديبن انهيءَ خيال کان دنيا جي سٺن ۽ باشعور ليکڪن جي ڪتابن جي چونڊ ڪري، انهن کي پنهنجي قومي ۽ مقامي زبانن ۾ ترجما ڪري ننڍن وڏن خيالن کان واقف ڪرايو آهي. دنيا جي انقلابي ماڻهن جي جدوجهد، ذاتي زندگي ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار بابت واقفيت ڏيڻ لاءِ انهن جي گذاريل زندگيءَ جي تجربن ۽ خيالن کي ترجمو ڪري سنڌي زبان جو ويس ڍڪايو آهي. دنيا جي ڪهڙي جاءِ تي لينن کي اهميت حاصل ڪونهي، هُو وڏو انقلابي شخص هو. تنهن ڪري نجم عباسي سندس زندگيءَ کي آڏو رکي **'لينن جي انقلابي ڪهاڻي'** جي نالي سان هڪ ڪتاب ترجمو ڪيو آهي. نجم عباسي لکي ٿو ته: "هي ڪتاب مون کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جو شوق ڇو ٿيو؟ مان سوچيندو هوس ته لينن جهڙي وڏي هستيءَ جي حياتيءَ تي ڪو اهڙو ڪتاب هجي، جو سنڌي ٿورو پڙهيل، ڳوٺاڻو ۽ عام ماڻهو به سمجهي سگهي ۽ چاهه سان پڙهڻ تي به هرڪي. ڪيتري وقت کان منهنجي اها تمنا رهي آهي ته گهٽي کان گهٽا سنڌي، لينن جي عملي جيون ۽ انقلابي ڪارنامن کان واقف ٿين. خاص ڪري سياسي ڪارڪنن کي ان جي ڄاڻ هجڻ ڏاڍي ڪارائتي آهي. جڏهن هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڙهيم ته مون کي ان مقصد لاءِ ڏاڍو موزون لڳو. هي ناول سادي ۽ سولي نموني لکيل آهي. ڪٿي به مارڪسزم ۽ ڪميونزم جا سائنسي اصطلاح استعمال ٿيل ڪونه آهن. وڏي ڳالهه ته نهايت دلچسپ ڍنگ ۾ لينن ۽ هن جي زندگيءَ جا واقعا ٻڌايل آهن. ماڻهوءَ کي محسوس ٿو ٿئي ته هو اسان مان آهي، اسان جهڙو ماڻهو آهي ۽ اسين به اهڙا انقلابي ڪم ڪري سگهون ٿا."(عباسي: ٢٠١٠ع، ص: ٥) جيئن ته هي، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو ڇويهون ڪتاب آهي، جيڪو ١٩٢ صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو لينن جي زندگيءَ جي مختلف لاهن چاڙهن بابت معلومات فراهم ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر نجم عباسي روسي ناول 'ماسترياڻي' جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي. مذڪوره ناول جي عنوان 'منهنجو ٽيويهون ڪتاب' ۾ لکي ٿو ته: "ڪتاب جو ليکڪ اليگزينڊر سيرافيمووچ آهي جو ١٨٦٣ع ۾ ڄائو ۽ ١٩٤٩ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين....مون هي ناول ماسڪو ۾ ڇپيل اردو ڪتاب 'طوفان اورريت' تان ترجمو ڪيو آهي، جو ان ۾





ڪهاڻي طور ڏنل آهي، پرمان ان کي ناول سمجهان ٿو: لنبائيءَ جي لحاظ کان، ان ۾ هڪ کان وڌيڪ مکيه ڪردارن جا تفصيل ڏنل آهن ۽ ان ۾ ٻهراڙيءَ جي جيون جا هڪ کان زياده پهلو ڏيکاريا ويا آهن. ڪتاب ۾ هن ناول جو سرو 'گالينا' ڏنو ويو آهي، پر مون کي 'ماسترياڻي' موزون لڳو."(عباسي:١٩٩٦ع، ص: ١) هن ڪتاب ۾، نجم عباسي پنهنجي استادن جي حالتن کي مدنظر رکيو آهي. انهيءَ کان علاوه هن قصي جي ڪردارن جا نالا به ڏنا آهن. هي هڪ مختصر ناول آهي، جيڪو هڪ سؤ ڇهن صفحن تي مشتمل آهي. مهاتما گانڌي هندستان سميت، سنڌ جي سمورن سياسي ماڻهن جي دلين تي ڇانيل آهي ۽ ان جي شخصيت جو سحر سنڌي ماڻهن تائين ڪڏهن به لهي نه سگهيو آهي. لوئي فشر ان جي زندگيءَ تي هڪ شاندار ڪتاب لکيو آهي، جنهن کي سنڌي زبان ۾ نجم عباسي ترجمو ڪيو ۽ سنڌيءَ ۾ اهو پهريون ڀيرو ١٩٨٧ع ۾ ڇپيو. ان جو ٻيو ڇاپو سنڌي ساهت گهر طرفان ٢٠٠٠ع ۾ ڇاپيو ويو. اٺن سالن کان پوءِ انهيءَ ڪتاب جو ٽيون ڇاپو سنڌي ساهت گهر پاران شايع ڪيو ويو آهي."(ڪتاب جا ٻه اکر) هيءُ سمورو ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ هن ريت رکيو ويو آهي:

**ڀاڱو پهريون: ڄمڻ کان مرڻ تائين ۾ عنوان آهن:** جنهن واسطي دنيا رنو، گمراهه ڇوڪرو، لنڊن ۾، ٻه واقعا، نسلي تعصب، ڦيرو، ستيا گهر، سوپ

**ڀاڱو ٻيو: هندستان ۾ عنوان آهن:** گهري نظر، گانڌي ۽ انگريز، رت ڇاڻ، جيل، ورت، ماسڪو کي جواب، آزاديءَ جو نمڪ، اڌ اگهاڙو فقير، ٻيهر لنڊن ۾، هي به انسان آهن، جادوگر، شخصي ڳالهيون، حضرت عيسيٰ ۽ مهاتماگانڌي، چرچل ۽ گانڌي، گانڌيءَ سان هڪ هفتو، نااميدي ۽ غصو، قائد اعظم ۽ گانڌي.

**ڀاڱو ٽيون: سوپ ۽ دردناڪ ڪهاڻي ۾ عنوان آهن:** انسانيت، آزاديءَ جي ڪناري تي، ورهاڱو، ٻه قومون، باغ کي پاڻي، ڪاميابي، پڄاڻي. هيءُ سمورو ڪتاب چوٽيهن عنوانن تي مشتمل آهي. ١٨٧ صفحن جي ڪتاب کي ڇهن مهينن جي محنت سان مڪمل ڪيو ويو. نجم عباسي منهنجو اوڻويهون ڪتاب جي عنوان ۾ لکي ٿو: "محمد ابراهيم جويي لوئي فيشر جو انگريزي ڪتاب 'گانڌي' مونکي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو. مون ڇهه مهينا (٢٥ آگسٽ ١٩٦٣ع کان ١ فيبروري ١٩٦٤ع تائين) واندڪائيءَ جو سارو وقت لڳائي ڪتاب جو ترجمو پورو ڪيو."(عباسي: ٢٠٠٩ع، ص: ٧) نجم عباسي مذڪوره ڪتاب ۾ ڄاڻائي ٿو ته، گانڌيءَ جي جيون ۽ سياست مان جيڪو

نتيجو آڏو اچي ٿو ته، هُو انقلابي اڳواڻ نه هو. هُو هڪ مذهبي ماڻهو هو ۽ هن دور ۾ مذهبي ماڻهو انقلابي نه ٿو ٿي سگهي. هن جا پروگرام سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي خلاف هئا ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کي نظر انداز ڪندڙ، انقلابي ٿي نه ٿو سگهي. نجم عباسي، گانڌيءَ جي سموري حياتيءَ جي تحرڪ کي سمجهي ان کان پوءِ جن خيالن جو اظهار ڪري ٿو، 'هن کي قومپرست اڳواڻ به چئي نه ٿو سگهجي ڇو ته قوم پرست ماڻهو، ڌارين کان آجپائي حاصل ڪرڻ واسطي، ان لاءِ جاکوڙ ڪندو آهي ته سندس قوم جو هر انسان سکيو ستابو رهي ۽ پرماريت جو شڪار نه ٿئي، ايئن ٺيٺ سوشلزم کان سواءِ ممڪن ڪونهي.' نجم عباسي جي ذاتي زندگيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته، هُو هڪ انقلابي ليکڪ هو جنهن جي لکڻين مان سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي تهذيب وتمدن سان گهري دلچسپي هئي. سنڌي ثقافت کي جنهن انداز سان انفرادي حيثيت ۾ نمايان ڪري پيش ڪيو آهي، اهڙو انداز ڪنهن ٻئي ليکڪ جو نظر نه ٿو اچي.

**اڳ ٿيل ڪم جو مختصر ذڪر:** جيئن ته، ڊاڪٽر نجم عباسي سائنسي سوچ رکندڙ ۽ هڪ حقيقيت نگار اديب هو، ڪن عقيدن ۾ سندس ويساهه گهٽ هو. سندس فن ۽ فڪر جا ڪيئي پاسا ۽ پهلو اڻڇهيل محسوس ٿي رهيا آهن. سندس همعصرن جو تعداد تمام گهٽو آهي، جنهن جو هن مختصر مقالي ۾ ذڪر طوالت جو سبب بڻبو. هن کان اڳ ۾ سندس فڪر، فن ۽ ادبي خدمتن تي ڪيترن ئي اديبن ڳالهايو ۽ لکيو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز عنوان 'آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر'، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز عنوان: 'سنڌي ادب جو فڪري پس منظر'، ڊاڪٽر نور افروز خواجه، پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز عنوان: 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر'، يوسف سنڌي 'نجم عباسي: فن ۽ شخصيت جو مطالعو' ڪتاب ۾، اهڙي طرح ڊاڪٽر حامد علي خانائي، خاڪي جويي ۽ ٻين ڪيترن ئي سندس محنت کي ساراهيو آهي. هنن بزرگن جو بنيادي ڪم آهي، جيڪو نون محققن لاءِ نيون راهون مهيا ڪري ڏيڻ ۾ مددگار رهندو. آئون هت انهيءَ ڳالهه جو به، ذڪر ڪندو هلان ته، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي، ڊاڪٽر ريحانه نظير، ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب جي زير نگراني، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي آهي، جنهن جو عنوان آهي: "نجم عباسي جديد انقلابي فڪر جو ترجمان"، مذڪوره ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن،





حيدرآباد، پاران ٢٠١٦ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هي سموري ٿيسز ستن بابن ۽ ٤٤٨ صفحن تي مشتمل آهي. مذڪوره تحقيق جي مطالعي مان جا ڳالهه نظر اچي ٿي ته، هن ڪم تي محنت پلي ٿيل آهي پر ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي تخليقي صلاحيتن تي گهٽ لکيو آهي. باب چوٿون ۽ پنجون، جيڪو ڪل ستر صفحن تي مشتمل آهي، تنهن ۾ سنڌس ادبي ڪم جي چڱي چوکي معلومات حاصل ٿئي ٿي. جنهن ڳالهه جي تشنگي محسوس ڪجي ٿي، سو هئڻ هيئن گهرجي ها، نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين، ناولن، ترجمن، خطن، انٽرويوز، ڊائرين، مضمونن، جيون ڪهاڻين، مڪالمن ۽ سنڌس آتم ڪهاڻي مان مثال ڪڍي، ڪو علمي ۽ عملي نموني تحقيق جي طريقيڪار مطابق بحث مباحثو ڪري هرهڪ پهلوءَ جو تعيُن ڪري مثبت نتيجو ڏنو وڃي ها ته نجم عباسي تي ڪيل تحقيق جو حق ادا ٿي پوي ها.! مذڪوره ٿيسز ۾ جيڪي موضوع رکيل آهن سي جاندار لڳن ٿا، ليڪن اجا وڌيڪ ان کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي شخصيت ۽ فن تي ٻين ليکڪن تنقيد به ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ هت هيٺ هڪ مضمون: '**نجم عباسي جي فلسفي جي چير ڦاڙ**' جو مثال ڪڍون ٿا: پروفيسر نظير احمد لکي ٿو: "خانواهڻ واري، مرحوم ڊاڪٽر نجم ڪنبڙي عرف نجم عباسيءَ سنڌي ادب ۾ خاص ڪري سنڌي ڪهاڻين ۾، مذهبي ڳالهين جي مخالفت ڪرڻ ڪري، گهڻو نالو ڪمايو. هن سواءِ اسلام جي، ڪنهن به ٻئي مذهب جهڙوڪ: هندو ڌرم، ٻُڌ ڌرم ۽ جين ڌرم کي هٿ نه لاتو. اها به اخلاقي تقاضا آهي ته ڪنهن به دين ڌرم کي طنز جو نشانو نه بڻائجي، پر ويچاري نجم عباسيءَ جو زور رڳو اسلامي ڳالهين جي مخالفت تي هيو ۽ هليو. ان جي پس پرده به ڪي نفسياتي سبب ٿي سگهن ٿا." (سومرو، ٢٠١٣ع، ص: ١٣٢) مذڪوره مضمون ۾ سنڌس ڪهاڻين، بيماري ۽ ان کان تنگ ٿي خودڪشي ڪرڻ، موت کان ڊڄڻ جيڪو ترت ۽ آسان هجي، سنڌس وفات کان پوءِ دفنائڻ جي وصيت، لطيف آباد واري گهر جو لٽجڻ، نجم عباسي جيڪي ٻين ٻولين جي لفظن جا متبادل لفظ ڏنا آهن، تن تي به تنقيد ڪئي وئي آهي. بهرحال تنقيد پلي ڪجي، پر اُن ۾ اصلاحي پهلو شامل هجي ته، سون تي سهاڳي جو ڪم ڏئي ٿي، پر هن جي تنقيد سطحي آهي. نجم عباسي جي ڪم تي رضوان گل، ڊاڪٽر ادل سومرو، تاج جويو، مقصود گل، نور محمد پٽي، جامي چانڊيو، همسفر گاڏهي، ڪامران رند، گل موري، ڊاڪٽر مير محمد مغل، عاطف ملاح ۽ ٻين سنو ڪم

ڪيو آهي، جيڪو محققن لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿو.

**نتيجو:** مجموعي طور تحقيق مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي ته، نجم عباسيءَ پنهنجي فڪري سوچ ويچار سان سنڌي ادب جي تاريخ ۾ لڳ ڀڳ ٽيهارو ڪن ڪتاب ڏنا آهن، هرهڪ ڪتاب پنهنجي جاءِ تي خاص اهميت حاصل ڪري ويو آهي. نجم عباسيءَ جي لکڻ جا وسيع موضوع هئا ۽ هرهڪ موضوع کي هن ادبي پسمنظر ۾ لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪتاب، ناول، مضمون، آتم ڪٿا، ڊائريون، خط، انٽرويو ۽ تقريرون سنڌي زبان جو سرمايو آهن. انهن کي ساندڻ سنڀالڻ ۽ سنڌي ادب سان چاهه رکندڙن کي انهن لکتن متعلق معلومات ڏيڻ هڪ محقق جو فرض ٿهي ٿو. سنڌ جي نوجوانن کي جن ڳالهين جي سخت ضرورت درڪار آهي ته، هُو نجم عباسيءَ جي ڪتابن جو مطالعو ڪن ته، جيئن زماني جي حالات ۽ واقعات کي پنهنجي فهم ۽ فڪر سان سائنسي بنيادن سان سمجهي سگهن. نجم عباسي، سورنهن ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا ۽ ڪجهه ترجمو ڪيا آهن. انهيءَ کان علاوه هڪ ڪتاب شاعريءَ جو 'مون پڻ ڳايو هو'، ڪجهه جيون ڪهاڻين جا ڪتاب، ڪي ڪالم به لکيائين. 'جبل مٿي باهڙي' خطن جو مجموعو آهي. اهڙي طرح پنج کن ناولن جا ڪتاب خود ته ڪجهه ترجمو ڪيائين. اسان جي معلومات مطابق سندس ٽيهه ڪتاب شايع ٿيل آهن. نجم عباسي پنهنجي سمورين لکڻين ۾ ڪيئي سوال ۽ ڪيئي جواب ڏنا آهن. جيڪي سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ فڪري دعوت سان گڏ سوچڻ ۽ سمجهڻ جا اسباب پيدا ڪن ٿا.

## حوالا

١. لاکو، غلام محمد، 'غلام رباني آگرو: شخصيت جو هڪ پهلو'، ٽه ماهي 'مهراڻ' نمبر ٢، جلد ٦٠، اپريل — جون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ ٢٠١٠ع.

٢. سنڌي، يوسف، 'نجم عباسي: فن ۽ شخصيت' (مطالعو)، (ڇاپو پهريون)، سچائي اشاعت گهر، دڙو ٢٠٠٢ع.

٣. قريشي، حامد علي، خائي، ڊاڪٽر: 'نجم عباسي - هڪ تعارف' ڪتاب: ' سوچون هڪ سچار جون - سوچن جي آٽو بايوگرافي: نجم عباسي'، (ڇاپو پهريون)، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ ڪراچي، ١٩٩٩ع.





٤. عباسي، نجم، 'سوچون هڪ سچار جون' (سوچن جي آٽو بايوگرافي)، ڇاپو پهريون: مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ/ڪراچي، ١٩٩٩ع.

٥. عباسي، نجم، 'پهاڙن ۾ پڪار' (ڇاپو ٻيو)، اصل ليکڪ: خليل جبران ۽ سنڌيڪار: نجم عباسي، اپريل، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهروفيروز سنڌ، ١٩٩٦ع.

٦. عباسي، نجم، 'لينن جي انقلابي ڪهاڻي'، (سوانح ناول)، اصل ليکڪ: مارياپريلزائيوا، سنڌيڪار: نجم عباسي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، سنڌ ٢٠١٠ع.

٧. عباسي، نجم، 'ماسترياڻي' (روسي ناول)، ڇاپو ٻيو: سنڌي ساهت گهر ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٦ع.

٨. عباسي، نجم، 'گانڌي' (ڇاپو ٽيون)، اصل ليکڪ: لوئي فشر ۽ سنڌيڪار: نجم عباسي، جنوري، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠٠٩ع

٩. عباسي، نجم، 'سورج هوندي مرجهايل' (ڇاپو ٻيو)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٩١ع.

١٠. قريشي، حامد علي، 'خانائي'، ڊاڪٽر، 'نجم عباسيءَ جي افسانه نگاري'، ماهوار 'ساڃاهه' نمبر (٧ ۽ ٨)، حيدرآباد، سنڌ.

١١. سومرو، نذير احمد، پروفيسر، 'تنقيدون ۽ تجزيا' (ڇاپو پهريون)، ترتيب: انجنيئر عبدالوهاب سهتو، (مضمون)، ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ٢٠١٣ع.